ڪوشش مايوس ڪندڙ ڏسجي ٿي.

ڏکڻ ايشيا ۾ مسلمان مؤرخن، بنواميه، بنو عباس، دهلي سلطنت ۽ مغل دَور کي 'اسلامي دَور' سڏيو آهي، جڏهن ته جداجدا رياستن ۾ مسلمان حاڪمن کي نظرانداز ڪندي، ڪين غير ضروري، گهٽ اهميت رکندڙ يا نالائق حڪمران سمجهيو ويو آهي. دهلي سلطنت يا پوءِ مغل شهنشاهت، مسلمانن کي فقط ٽيڪس (ڏن) ڏيڻ جي صورت ۾ برداشت ڪيو ٿي. اُنهن مقامي ماڻهن کي اڻ برابريءَ جي حوالي سان ڪين ٻئي درجي جو شهري قرار ڏنو ٿي. اسان جي سنڌ جي ڪجهه مؤرخن به ساڳي ريت جاري رکي. سنڌ ۾ اُميه ۽ عباسي حاڪمن جي خلاف 142 سال (712-854ع) بغاوت جاري رهي. اُن کان سواءِ ارغونن، ترخانن ۽ مغل حاڪمن (1520-1737ع) جي خلاف سنڌ ۾ ٻن صدين کان به وڌيڪ عرصو مزاحمت ۽ خانه جنگي جاري رهي. اسان جي هڪ وڏي محقق لکيو ته ذڪر ڪيل مٿين دَورن ۾ ڪابه چوري نه ٿي ۽ نه وري ڦُر جي ڪا واردات ٿي، انڪري سنڌ اندر امن امان جي صورتحال بهتر ڏسجي ٿي. بنواميه ۽ بنو عباس جي 142 ساله حڪمرانيءَ دوران سنڌن 40 گورنر مقرر ٿيا. اُنهن مان سنڌ ۾ رهندي 21 قتل ٿيا، 13 معطل ٿيا ۽ صرف 6 عدد حاڪم پنهنجو عرصو مڪمل ڪري عربستان واپس پهتا، جن ۾ محمد بن قاسم به شامل هو. سنڌ ۾ ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي خلاف به صديون جاري ويڙهه کي پوري طاقت سان ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، ڇو ته مقامي مسلمان ويڙهاڪ حڪمرانن جي لاءِ 'ڪافر' هئا، جن کي طاقت ۽ تلوار سان نابود ڪرڻ جي ڪوشش ضروري سمجهي وئي. مغل صوبي ۾ مقامي خانه جنگين سبب، 1600ع ۾ گڏ ٿيل ٽيڪس جي ڀيٽ ۾، 1665ع ۾ ويهه سيڪڙو گهٽ محصول گڏ ڪيو ويو هو.

اسان کي پير حسام الدين راشديءَ جو شڪر گذار ٿيڻ کپي، جنهن "تاريخ مظهر شاهجهاني" ايڊٽ ڪري ڇپرائي، مغل انتظاميا کي سنڌ ۾ واڪي ڪرڻ ۾ آساني پيدا ڪئي. راشدي صاحب جي مثالي تحقيق هڪ اهڙي ڪتاب تي مدار رکي ٿي، جنهن جو مصنف هڪ مغل حاڪم جو پٽ ۽ ٻئي مغل گورنر جو ڀاءُ هو! پير صاحب "مڪلي نامه" وانگر "تحفة الڪرام" جو فارسي متن به وڏيءَ محنت سان تيار ڪيو، جنهن ۾ همعصر تاريخن، سوانحي ذخيرن، خطن، سَندن، مُهرن ۽ شاعرن جي انتخاب ذريعي، تمام گهڻا وضاحتي حاشيا شامل ڪيائين. پر هيءَ محنت پنجٽيهه سال گذرڻ کان پوءِ به ترجمو نه ٿي سگهي آهي، جو عامَ ٿئي. اسان وٽ هڪ ڪتاب "بيگلارنامه" به آهي، جنهن ۾ ارغون- ترخان دَور جي هڪ جاگيردار جو احوال وڏائي پيش ڪيو ويو آهي. پر سچ ته اُن ۾ تاريخي جاگرافيءَ لاءِ گهڻو مواد موجود آهي. رستا، ڳوٺ، شهر، ڍنڍون، واهه، قبيلا ۽ طرز زندگي- ان لحاظ کان "بيگلارنامه" هڪ اهم ڪتاب آهي. هي ڪتاب به اڃا ترجمو نه ٿيو آهي. اها ڪٽڪندڙ حقيقت آهي ته سنڌالاجي، سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي طرفان "سنڌ جي تاريخ" جي حوالي سان پنهنجي فرض جو نڀاءُ اڃا باقي آهي.

هاڻي اسين ڊاڪٽر غلام محمد لاکي ۽ سندس ڪتاب "ڪلهوڙا دَور حڪومت" جي باري ۾ گفتگو ڪنداسين. سندس ڪتاب "سمن جي سلطنت" سترهن سال اڳ ڇپيو هو. اُن بعد ساڳيو ڪتاب واڌارن ۽ سڌارن سان 1996ع ۾ شايع ٿيو. [هن ڪتاب جو ٽيون ڇاپو تازو 2005ع ۾ وري نڪتو آهي] هن وقت پاڻ موجوده دَور جي سنڌ جي مؤرخن ۾ پهرينءَ صف ۾ شمار ٿئي ٿو. هي محقق طور هڪ کُليل ذهن وارو، غير متعصب ۽ مضبوط استدلال رکندڙ عالم آهي. پاڻ پختن دليلن سان ناياب حقيقتون گڏ ڪري تاريخ کي جديد طرز تي پيش ڪرڻ جي لائق بنائي ٿو. انڪري مقامي توڙي غير سنڌي اسڪالر سندس تحقيقي ڪم جو قدر ڪن ٿا. منهنجي خيال ۾ تاريخ نويسيءَ ۾ واقعات جو تسلسل وڏي ۽ بنيادي اهميت رکي ٿو. صحيح معنيٰ ۾ هيءَ وات به اسان کي پير حسام الدين راشدي ڏيکاري. سنڌ جي تاريخ نويسي لاءِ هيٺين جزن جو هجڻ ضروري آهي:

1- واقعاتي لغت.
2- سياست.
3- انتظام، انتظامي يونٽ، پوليس ۽ انصاف.
4- آبپاشي ۽ زرعي پيدائش، سنڌو درياءَ جا رُخ
5- محصول.
6- مقامي توڙي پرڏيهي واپار.
7- سڪو.

8- تعليم.
9- ٻولي ۽ ادب- مقامي ۽ خارجي همعصر تاريخي دستاويز.
10- مذهب ۽ مذهبي تحريڪون.
11- آرٽ، فن تعمير ۽ قديم آثار.
12- پرڏيهي پاليسي
13- سياحن جا بيان
14- تذڪراتي لٽريچر، جو مقامي يا پرڏيهي تاريخ ۾ مددگار ٿئي.
15- هٿيار ۽ جنگي طور طريقو.
16- سائنس ۽ ٽيڪنالاجي.
17- ماحوليات ۽ اُن جو ذڪر هيٺ دَور تي اثر.

جيتوڻيڪ غلام رسول مهر اڪثر گهڻ جاتل ماخذن کي ڪم ۾ آندو، پر هو مٿي ذڪر ڪيل جزن کي پنهنجي لپيٽ ۾ نه آڻي سگهيو، يا وري ڪٿي ڪٿي واقعن جو درست تجزيو به پيش نه ڪري سگهيو. مهر جي ڄاڪوڙ کان پوءِ اڪثر تاريخي ماخذ ڇپجي نروار ٿيا، انڪري 'ڪلهوڙا دَور' تي هڪ نئين، جامع ۽ جديد انداز فڪر تي ٻڌل ڪتاب جي گهڻي ضرورت محسوس ٿي رهي هئي. ڊاڪٽر غلام محمد لاکو اسان سڀني سنڌين جي پاران مبارڪباد جو حقدار آهي، جنهن هن اهم ۽ ڏکئي ڪم کي خاطر خواهه طريقي سان سرانجام ڏيندي، مٿي ذڪر ڪيل سترهن جزن (هڪ کان سواءِ) کي خوش اسلوبيءَ سان تحقيقي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. پر هي هڪ 'اٿاهه' ڪم آهي جنهن کي سچ ته **400** صفحن جي ڪتاب ۾ مڪمل طرح سان پيش نه ٿو ڪري سگهجي. بهرحال شاگردن لاءِ ۽ پڻ محققن لاءِ هڪ بنيادي راهه هموار ڪئي وئي آهي. اميد آهي ته مستقبل ۾ هن ڪتاب مان مدد وٺي موضوع کي اڳتي وڌايو ويندو.

هت هڪ اهم سوال ٿو پيدا ٿئي ته ڪلهوڙن، ٻين زميندارن کان زمينون ڪسي، ويهين صديءَ جي سوشلزم واري واٽ ورتي هئي؟ منهنجو خيال آهي ته مصنف ڪتاب جي نئين ڇاپي ۾ اُن تي روشني وجهندو. ڊاڪٽر رياض الاسلام جو تازو ڇپيل ڪتاب ڏيکاري ٿو ته چوڏهين صدي عيسويءَ جا صوفي ڪيئن سرڪار کان زمينون 'مدد معاش' طور وٺندا هئا ۽ پوءِ پنهنجن مريدن کي سرڪار جي حق ۾ هموار ڪندا هئا. مغل سرڪار جي نظر ۾ ڪلهوڙا ڪي سُنا زميندار نه هئا، پر هڪ ڳالهه سندن فائدي ۾ هئي جو غريب هارين کي ڪارائڻ لاءِ ڪلهوڙن ڪڏهن به سرڪار کان مدد نه ورتي: اُن بجاءِ ڪلهوڙن مقامي وڏن زميندارن جي زمينن کي والاريو. اُهي زميندار مغلن سان وفادار هئا ۽ سرڪار کي محصول ڏيندا هئا. ڪلهوڙن اهڙن زميندارن کان زمينون هٿ ڪري پنهنجن مريدن کي مستحڪم ڪيو. جيئن سرڪار سخت ردعمل ڏيکاريو، تيئن وڌيڪ مقامي ماڻهو ڪلهوڙن جا همدرد ٿيا ۽ سندن مريد ٿيا. بعد ۾ اهي ئي ماڻهو هئا جي مغل انتظاميا سان وڙهيا. هيءَ سموري صورتحال ڪلهوڙن جي صوفي هجڻ واري حقيقت تي روشني وجهي ٿي، جن دنياوي مفادن لاءِ مريد، دولت ۽ طاقت حاصل ڪئي. انهيءَ ڳالهه تي ڊاڪٽر لاکي سان مون کي اختلاف آهي. جيتوڻيڪ اوائلي ڪلهوڙا درويش ضرور هئا، پر پوءِ به زمينن جي حاصلات سندن ترجيح رهي.

باب پهرئين ۾ مصنف جاگرافيائي پس منظر، سنڌو درياءَ ۽ سن **1520**ع تائين، سنڌ جي تاريخ جو مختصر احاطو ڪيو آهي. باب ٻئي ۾ **1520**ع کان **1737**ع تائين سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتن جو هڪ ڀرپور اڀياس ڏنو ويو آهي. هن دور ۾ سنڌ تي ارغونن، ترخانن ۽ مغل گورنرن جو راڄ هو. اڪبر، جهانگير، شاهجهان، اورنگزيب ۽ آخري مغل حاڪمن جي دَور ۾، **130** سالن جي عرصي ۾ ٺٽي تي **60** (سٺ) گورنر مقرر ٿي آيا. اُنهن مان ڪا به ڇڱائي پيدا نه ٿي جو سنڌ جو پورو ملڪ گهرو لڙاين ۾ وڪوڙجي ويو. باب ٽيون سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي اُڀار بابت ڄاڻ ڏئي ٿو. ليکڪ جي تحقيق موجب ڪلهوڙا "مقامي" ماڻهو هئا ۽ اُنهن جو بنوعباس سان ڪو به تعلق نه هو. مصنف موجب ميان آدم شاهه **1600**ع ۾ شهيد ٿيو. بعد ۾ ميان شاهل محمد اُڀريو، جنهن جي دَور ۾ سانگين ۽ ابڙن جي زمينن تي قبضا ٿيا. ان ريت ٽڪراءُ پيدا ٿيو. نيٺ شاهل محمد **1657**ع ۾ هڪ معرڪي ۾ بکر جي نواب هٿان مارجي ويو. خانبهادر خداداد خان "لب تاريخ سنڌ" ۾ ائين لکيو آهي، جنهن کي ڊاڪٽر لاکو به تسليم ڪري ٿو ته گهاڙ واهه جي تعمير ميان شاهل محمد ڪرائي هئي. هيءَ ڳالهه درست ڪانهي. گهاڙ اصل ۾ سنڌو درياءَ جي اولاهين شاخ هئي، جنهن کي سمن